مختيار احمد ملاح

# ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ کان اڳ ۾ ڪن انگريز عملدارن جي شاهه لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو

***Abstract:***

**(Research on Shah Latif before Dr. Trumpp by Europeans)**

*Shah Abdul Latif Bhitai is an acknowledged poet of Sindh but his name and fame is spread all over the world. His Risalo is acknowledged across Pakistan and the wider diaspora as the greatest classic of Sindhi literature. Shah Jo Risalo is a poetic compendium of famous Sindhi Sufi poet Shah Abdul Latif. Long before Ernest Trump, Captain George Stack, in about 1850, had started compiling of Shah jo Risalo but due to his death he could not finish the work. However, in 1852, famous orientalist Richard Burton in his book 'History of Sindh' gave basic account of Shah Latif and his poetry. In 1852, Marry Frere, a writer and the daughter of Sir Bartle Frere (the then Commissioner of Sindh) had also taken interest in the poetry of Shah Latif.  But all such efforts made by these persons were incomplete and without substance. Mr. Dayaram Gidumal has rightly observed in his book Sigma (1882) that it is a shame, an utter shame, that a poet like Abdul Latif is so much neglected by Europeans. Sir Bartle Frere, while serving as the Commissioner of Sindh gave a liberal grant to Dr. Trumpp for working on the Risalo, its editing, publishing etc and the said edition is still extent (p. 4). We the people of Sindh owe a tribute to Dr. Trumpp who worked tirelessly to compile poetry of Shah Latif. He prepared Sindhi type writer with Sindhi words to type poetry of Shah in proper manner. Despite his personal efforts and assistance from Educational Department of Sindh, he could not publish the complete Risalo of Shah Latif as four Surs (Melodies) could not be included in the book. He published the book from Leipzeg, Germany and it is considered as the first ever published Risalo of Latif. It would not be out of place to say that Risalo compiled by Dr. Trumpp is the Magna Carta of he history of Sindhi literature. All remaining collections of Shah are directly or indirectly inspired from the works of Dr. Trumpp.*





**شاهه** عبد اللطيف ڀٽائي، دنيا جي عظيم شاعرن مان هڪ آهي. سنڌي ادب جي تاريخ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي کي تمام مٿانهون مقام حاصل آهي. سندس، فن، فڪر، ادبي لاڙا، تعليم، ٻولي جو استعمال دنيا لاءِ هڪ مثال آهي. سندس ڪلام سنڌ ڌرتيءَ جي ثقافت ۽ تهذيب کي اجاگر ڪندو آهي. سندس تعليم ۾ محبت، اخوت، امن ۽ ڀائيچاري جو درس ملي ٿو. شاهه عبداللطيف جا خيال اعليٰ، مشاهدو گهرو ۽ وسيع آهي. سندس ڪلام ۾ سر ۽ سنگيت يا موسيقي سان هم- آهنگ ڪرڻ جو خوبصورت فن به رکندڙ به آهي. شاهه لطيف جي شاعريءَ جي  ڪلام جي پهرين خوبي اها آهي ته اهو لکت ۾ نه پر يادگيري جي بنياد تي قائم رهيو آهي، جيڪو پڻ هڪ قسم جو معجزو آهي. شاهه جي شاعريءَ جو ٻيو ڪمال اهو به آهي، ته سندس حياتيءَ کان وٺي، اڄ تائين هڪڙو ڏينهن به اهڙو نه آيو آهي، جو سندس ڪلام کي ڳايو نه ويو هجي. سندس شاعريءَ جو ٽيون ڪمال هي آهي ته غيرن، شاهه جي ڪلام کي سمجهڻ خاطر سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪيو آهي. شاهه کي اهو به اعزاز حاصل آهي ته شروع ۾ ئي غير سنڌي عالمن، عملدارن ۽ اديبن سندس زندگيءَ ۽ ڪلام تي تحقيق ڪئي آهي. سنڌي ادب ۾ گهڻي ۾ گهڻيون پي.ايچ. ڊيءَ جون ڊگريون شاهه لطيف جي فن ۽ فڪر جي موضوعن تي ٿيل تحقيق تي ڏنيون ويون آهن، شخصي حوالي سان گهڻي ۾ گهڻا رسالا به شاهه سائين جا ئي مرتب ٿيا آهن ته گهڻا ڪتاب به شاهه تي لکيا ويا آهن. شاهه عبداللطيف جو  تعلق ارڙهين صديءَ ۾ ڪلهوڙن جي دور سان هو. هو حسن، عشق، قدرت ۽ سونهن جو شاعر آهي. سنڌ جي اساسي شاعري جتي تصوف جي وحدت الوجود جي فڪر جو اظهار ڪري ٿي، اُتي ان ۾ حسن ۽ عشق جا بيان به ڏاڍيءَ نزاڪت ۽ خوبصورتيءَ سان پيش ٿيل آهن. شاهه لطيف جي ڪلام کي ’شاهه جو رسالو‘ چيو ويندو آهي.

شاهه جي رسالي کي ارڙهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي کان وٺي، سنڌي خوشنويسن ۽ اديبن مرتب ڪرڻ شروع ڪيو هو. ”شاهه لطيف جي سوانح حيات  بابت مختصر تذڪرا ۽ اشارا سڀ کان پهريائين سندس همعصر اديب ۽ مورخ  مير علي شير قانع ٺٽوي پنهنجن تصنيفن (تحفة الڪرام، مقالات الشعراء ۽ معيارِ سالڪانِ طريقت) ۾ قلمبند ڪيا. جيڪي پوين سوانح نگارن لاءِ مکيه ماخذ بڻيا.“[1] مير علي شير قانع ٺٽويءَ جي ڪتاب ’تحفة الڪرام‘ ۽ ان کان پوءِ سندس ڇپيل ٻئي ڪتاب ’مقالة



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

الشعرا' ۾ ذڪر ملي ٿو، جيڪو صرف ڪجھ ٻڌل ڳالھين جي حوالي سان لکيل آهي. جڏهن ته قانع صاحب، شاھ صاحب جي دؤر جو آهي ۽ جڏهن شاھ صاحب جي وفات ١١٦٥ھ/١٧٥٢ع ۾ ٿي هئي ته سندس عمر ٢٥ سال هئي ۽ تحفتہ الڪرام ڪتاب شاھ صاحب جي وفات کان ١٦ سال پوءِ لکيو ويو.

اسان کي خبر آهي ته مغل دور کان ٽالپرن جي خاتمي تائين، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتابن جو وڏو تعداد لکيو ويو. سن ١٨٤٣ع ۾ انگريزن جي حڪومت جي قيام کان پوءِ سنڌ جي علمي ادبي فضا تبديل ٿيڻ شروع ٿي. قديم طرز جي سنڌي تصنيف جو سلسلو رڪجي ويو. هڪ طرف ليٿو پريس ذريعي جھونا سنڌي ڪتاب ڇپجڻ شروع ٿيا. قديم سنڌي ڪتاب جي مختلف ماڻھن هٿان لنڊن پهتا. انهن جو وڏو تعداد انڊيا آفيس ۽ برٽش ميوزم جي ڪتبخانن ۾ داخل ٿيو. اٽويهين صديءَ ۾ انگريز عملدارن، سنڌ جي ٻين شعبن سان گڏ، شاھ جي ڪلام ۽ سنڌ جي تصوف واري فلسفي ۾ دلچسپي ورتي. شاھ جو رسالو سڀ کان اول پادري ارنيسٽ ٽرمپ ترتيب ڏئي ١٨٦٦ع ۾ جرمنيءَ مان شايع ڪرايو هو. ارنيسٽ ٽرمپ کانپوءِ مختلف عالمن شاھ جا رسالا ترتيب ڏنا.

## ارنيسٽ ٽرمپ جو رسالو:

"(ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ (١٨٢٨-١٨٨٥ع) هڪ جرمن عالم هو. ڪيس چرچ مشنري سوسائٽيءَ پاران سنڌ ۾ ان لاءِ موڪليو ويو هو، ته جيئن هو سنڌي ٻولي، گرامر ۽ ڊڪشنرين تي ڪم ڪري. هو اچڻ سان ئي پنهنجي ڪم کي لڳي ويو. هتي هن ٿوري ئي عرصي ۾ سنڌي ٻوليءَ تي مهارت حاصل ڪري ورتي. بي- ايچ ايلس جي نگرانيءَ ۾ جوڙيل عربي سنڌي صورتخطي کي نامڪمل سمجھندي مٿس سخت تنقيد ڪيائين. نومبر ١٨٥٤ع ۾ لنڊن ۾ پنهنجي هيڊ آفيس (The Parent Company of Church Missionary) کي سنڌي الف-ب بابت پنهنجا ويچار ۽ جامع رٿا تيار ڪري موڪلي ڏنائين. جنهن ۾ ايلس تي سخت تنقيد ٿيل هئي."(٢) ١٨٥٨ع هن هڪ ڪتاب "Sindhi Reading Book in the Sanskrit and Arabic Characters" نالي سان لنڊن جي واٽس پريس مان ڇپائي پڌرو ڪيو هو. هي ڪتاب، ديوناگري ۽ عربي اکرن تي آڌاريل هو. ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ اهو پهريون پرڏيهي عالم هو جنهن ١٨٦٢ع ۾ سنڌيءَ تي جامع ڪتاب لکيو. هن ڪتاب ۾ سنڌي زبان تي ويچار پڻ پيش ڪيا.سنڌي ٻوليءَ جي





اهميت ۽ خوبين توڙي اُن جي ادب جي رنگارنگيءَ ٽرمپ تي چڱو اثر وهاريو. ان ڪري هن سنڌي ٻوليءَ جو گرامر لکيو ۽ تفصيل سان سنڌي ٻوليءَ جي اصليت ۽ بڻ بنياد کان وٺي اُن جي صرفي ۽ نحوي خوبين تي تفصيل سان لکيو.

شاھ جي شاعري پڻ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي تحقيق جو مرڪز رهي. سندس ترتيب ڏنل 'شاھ جو رسالو يعني 'ديوان عبداللطيف ڀٽائيءَ جو' هن سلسلي ۾ تمام معياري ڪتاب آهي.هي پرڏيهي، توڙي ڏيهي اديبن مان پهريون اديب هو، جنهن شاھ جي شاعريءَ تي سڀ کان پهرين سخت محنت ڪري هن جي لازوال ادبي پورهئي کي گڏ ڪيو ۽ پهريون دفعو ١٨٦٦ع ۾ جرمنيءَ جي شهر لپسيا مان هند سرڪار جي مالي سهڪار سان ڇپرائي شاھ جي ڪلام کي محفوظ ڪري ڇڏيو. هن سنڌي صورتخطي پڻ جوڙي ۽ پاڻ سنڌي- عربي فارسي طرز تي الف- ب لاءِ لوهي ٽائيپ رائيٽر جوڙائي ۽ رسالو شايع ڪرايو. سنڌي ٻوليءَ تي هن تمام اهم ڪوجنا ڪئي. هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ ٽرمپ لکيو آهي ته: "مان قصا، ڪهاڻيون، ڪافيون ، راڳ، ڏوهيڙا ويس ڪنا ڪندو، ان مقصد سان ته انهن مان سنڌي ٻوليءَ جي ئي مڪمل ڪوجنا ڪريان ۽ ٻوليءَ جي ڄاڻ حاصل ڪريان. مان اهي بيت ۽ ڪافيون وغيره فقيرن، پٽن، چارڻن، سراندين، مڱڻھارن کان ٻڌندو هوس، جي ميلن، مجلسن، محفلن ۾ ڳائي ماڻھن کي وندرائيندا هئا. منهجو ويچار هو ته اهو سڀ ڪنو ڪيل مواد ترتيب وار جوڙي سنڌي عوام لاءِ هڪ قسم جو ادب موجود ڪريان ۽ پوءِ سنڌي ٻوليءَ جو پيرائتو اڀياس ڪريان."(٣)

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ، ڊاڪٽر ٽرمپ جي رسالي لاءِ لکيو آهي ته: "ڊاڪٽر ٽرمپ پهريون شخص هو، جنهن شاھ جي رسالي کي اونده مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آندو. رسالي جي تياريءَ لاءِ ٽرمپ کي ٻه پراڻا قلمي نسخا هٿ آيا، جن کي هن سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ڄاڻوءَ جي مدد سان پيٽيو. هن جي ڇاپي ۾ ڪي غلطيون به آهن."(٤) ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي بقول: "صورتخطي خود بناوتي آهي ۽ اُها اردوءَ- گاڏڙ به آهي."(٥) ارنيسٽ ٽرمپ هن کي 'رسالو' توڙي 'ديوان' ٻئي عنوان ڏنا آهن. رسالي جو هيءُ ڇاپو اڻپورو آهي، جنهن ۾ فقط ٢٦ سر شامل آهن. ڊاڪٽر ٽرمپ جي چوڻ موجب، ڪتاب جي ٿولھ ۽ قيمت وڌي وڃڻ ڪري باقي سُر شامل نه ڪيا ويا. هن ڇاپي ۾ ٢٥٢٩ بيت ۽ ١٥٩ وائيون شامل آهن. ڊاڪٽر ٽرمپ، هن ڇاپي لاءِ مواد ڪنهن مقامي پڙهيل

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

منشيءَ جي مدد سان ’ٻه سنڌا قلمي نسخا‘ (سنڌس چوڻ مطابق) پيٽي، مرتب ڪيو. ٻنهي جي پڙهڻين ۾ جتي ٻه اختلافي صورت پيدا ٿي ته اتي عام فهم پڙهڻيون اختيار ڪيون ويون.

## ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جو رسالو:

حقيقت هي آهي ته، ارنيسٽ ٽرمپ کان اڳ ٻيا ٻه ڪي عملدار هئا، جن شاهه لطيف جي فن ۽ فڪر کي اهميت ڏني ۽ ٿوري يا گهڻي تحقيق ڪئي. شاهه جو پهريون رسالو سنڌي ٻوليءَ جي محسن، لغت نويس، آڪاٽي نويس، گرامر نويس ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ، ١٨٥٠ع ۾ مرتب ڪيو هو ، جيڪو اڻپورو رهجي ويو. ١٨٥٣ع ۾ سنڌس وفات جي ڪري اهو قلمي نسخو ايران جي هڪ لائبريري ۾ پهچي ويو. جارج بيگٽ اسٽئڪ (١٨١٩-١٨٥٣ع)، ايڊورڊ اسٽئڪ جي گهر ۾ پيدا ٿيو. هو پنهنجي پيءُ جو ڇهون نمبر ٻار هو. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪيائين ۽ سنڌ ۾ جنگين ۾ حصو ورتائين. ڪراچيءَ ۾ سنڌس وفات ٿي. هو سنڌ ۾ رهي سنڌي سکي چڪو هو ۽ حيدرآباد ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو هو. ڪيپٽن جارج اسٽئڪ جي حياتيءَ جا هيٺ ڄاڻايل وڏا ڪم سنڌ ۽ سنڌين ڪي ڪڏهن ٻه نه وسري سگهندا.

1. English - Sindhi Dictionary (1849)
2. A Grammar of Sindhi Language (1849)
3. Sindhi - English Dictionary (1854)

سنڌي گرامر وارو ڪتاب هن، ١٨٤٧- ١٨٤٦ع ڌاري لکيو. پر سال ١٨٤٩ ع ۾ ساڳئي ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ هن پنج لوڪ ڪهاڻيون ٻه ڏنيون. پنجين ڪهاڻي راءِ ڏياچ جي هئي. اهي ڪهاڻيون هن ديوناگري رسم الخط ۾ لکي شامل ڪيون هيون. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، جيتوڻيڪ، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپيءَ جو حامي هو، پر هو نه صرف عربي سنڌي لکي پڙهي سگهندو هو، پر هن جي ذاتي ڪتب خاني ۾ شاهه لطيف ۽ ٻين شاعرن جي ڪلامن جا قلمي نسخا ۽ ٻيا ڪتاب ٻه موجود هئا.حيدرآباد ۾ رهڻ دوران، هن سنڌي ٻولي ۽ ادب جو اڀياس شروع ڪيو، جنهن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي سرفهرست هو. ان سلسلي ۾ انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا ۾ ڄاڻايل آهي ته: ”هو سنڌي ٻوليءَ تي ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ شاهه جي ڪلام جي ڳولا ۾ ٻه مشغول رهيو.سنڌس





اڀياس هيٺ سنڌي ٻولي ته رهي پر ماڻهن جي واتان شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو نالو ٻڌائين. گهڻو ڪري ڀٽ شاهه جي فقيرن ڪي گهرائي شاهه جو ڪلام ٻڌندو هو. چون ٿا ته هر هفتي شام جو گهوڙي تي چڙهي ڀٽ شاهه ويندو هو ۽ اتي شاهه جو راڳ ٻڌندو هو. صبح جو سوير موٽي حيدرآباد ايندو هو. سنڌي ٻوليءَ جي تحقيق ڪرڻ ڪانپوءِ شاهه جي ڪلام جي ڳولا ۾ ٻه مشغول رهيو. سنڌس وڏو ڪارنامو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جو هڪ نسخو مرتب ڪرڻ هو، جيڪو شايع ٿي نه سگهيو. اڄڪلهه اهو ڪتابي نسخو ايران جي لئبريريءَ ۾ رکيل آهي.“(٦)

هڪ ٻي حقيقت هيءَ آهي ته، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي ذاتي ڪتبخاني ۾ هڪ نامعلوم سنڌي عالم جو لکيل، شاهه جي ڪلام جو هڪ قلمي نسخو موجود هو، جنهن جي پيرائتي ڄاڻ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي هڪ مضمون ۾ ڏني هئي. ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته: ”هي شاهه جو رسالو اصل ۾ ڪپتان اسٽئڪ (Captain Stack) ڪي مليو ۽ سنڌس ملڪيت ٿي ويو. مٿان سرورق تي فارسيءَ ۾ هيٺين عبارت قلمبند ٿيل آهي:

”ڪتاب لطايف شاه لطيف ساڪن بهت متبرڪ عمله هالاڪندي بزبان سندهي.“(٧)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب مطابق: ”رسالي جي شروعاتي پهرئين صفحي تي فارسي خط ۾ ’اسٽاڪ صاحب‘ جي بيضوي مهر لڳل آهي ۽ ان جي پرسان ٢٣ مارچ ...١٨٠ع لکيل آهي. جلد بنديءَ وقت ١٨٠ وارو انگ ڪٽجي ويو آهي.“(٨) هن قلمي نسخي ۾ ڪُل، ١٦١٤ بيت ۽ ٧٣ وايون قلمبند آهن ۽ ان ۾ ٢٣ سر شامل ٿيل آهن. مدد علي سنڌي لکي ٿو: ”جيتوڻيڪ اهو جارج اسٽئڪ جو مرتب ڪيل شاهه جو رسالو، ڇپائي جي مرحلن تائين پهچي نه سگهيو، پر اسين اهو ڪريڊٽ جارج اسٽئڪ ڪي ضرور ڏيون ٿا ته هو ئي پهريون انگريز هو، جنهن شاهه جو رسالو ترتيب ڏنو. اها ٻي ڳالهه آهي ته، شاهه جي رسالي ڪي پهريون ڀيرو ڇپائڻ جو اعزاز مسٽر ارنيسٽ ٽرمپ ڪي حاصل آهي.“(٩)

## رچرڊ فرانسز برٽن جا رايا:

رچرڊ فرانسز برٽن (١٨٢١-١٨٩٠ع) جي سڃاڻپ بطور هڪ جاگرافيدان، ليکڪ، ڪارٽوگرافر، ماهر لسانيات، ٻولين جي لپين جي ماهر، ماهر ارضيات، آبپاشي،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

معاشرتي ۽ معاشي علمن جي ڄاڻوءَ طور ڀٽي. هو ٣٠ ٻوليون ڳالهائي سگهندو هو. سندس چوڻ هو تہ هن هڪ اهڙو فارمولا ٺاهيو آهي، جنهن سان دنيا جي ڪا بہ ٻولي سکي سگهجي ٿي. واهن جي ماپن جي سلسلي ۾، برٽن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ گهميو ۽ نقشا تيار ڪيائين. برٽن سنڌ جي تاريخ، تهذيب، تمدن، ادب، لوڪ ادب، ٻولي، رسم الخط، ريتن ۽ رسمن، ماڻهن ۽ شهرن وغيره تي چار ڪتاب لکيا:

1. Sindh and Races that inhabit in valley of Indus (1849)
2. Sindh or the unhappy valley (1852)
3. Falconry in the valley of Indus (1852)
4. Sindh Revisited (1877)

ارنيسٽ ٽرمپ کان اڳ رچرڊ برٽن بہ، پنهنجي مشهور ڪتاب ’سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ رهندڙ قومون‘ (Sindh and Races that inhabit in valley of Indus) ۾ شاهه لطيف تي تحقيق ڪري چڪو هو. رچرڊ برٽن موجب، ”شاهه لطيف ١٦٨٠ع ۾ ڄائو، ۽ ١١٦١هه ۾ وفات ڪيائين.“(١٠) رچرڊ برٽن، شاه لطيف لاءِ لکي ٿو: ”جيستائين سوانح نگارن جو تعلق آهي ، انهن هن درويش (لطيف) سان سندس مسافتن ۽ تڪيلفن سان ڪيئي معجزا منسوب ڪيا آهن. اڄ بہ سندس مزار تي ڪيترائي معتقد ايندا آهن ۽ ذوالحج جي مهيني ۾ ساليانو ميلو بہ منعقد ٿيندو آهي. سندس ابا ڏاڏا، سنڌ ۾ انتهائي معتبر ۽ ملڪيتن جا مالڪ هئا. مگر سيد عبدالطيف جي اصل سڃاڻپ سندس شاعريءَ ’شاهه جو رسالو‘ جي ڪري آهي. ڪيس هم وطني، ’سنڌ جو حافظ‘ سڏين ٿا. سنڌ ۾ پڙهيل خواهه اڻ پڙهيل اهڙو ڪوبہ ماڻهو نہ آهي، جنهن شاهه صاحب جا درد پريا داستان نہ ٻڌا هجن. هو سندس مجتا لاءِ سندس ئي شعر ۾ چوڻيءَ طور استعمال ڪندا آهن:

بيت م پائينج هي آيتون آهن،
پريا سنڌي پار ڏي ، نيو لائو لائن.

Think not, O man, that these mere couplets, they are signs (from God to man)
They bear these to thy Friend, and have inspired these with true love”(11)

شاهه جي شاعريءَ بابت لکي ٿو: ”شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شعر جي





سونهن تجنيس حرفي ۽ معنيٰ ترنم وارن، لفظن جي وڻندڙ ٻوليءَ جي اشارن سان ٺئي ڪري ٿو ۽ ڪيترين جاين تي انهن جي عبارتن جا بہ حوالا ڏئي ٿو. هن جو سمورو ڪلام انهن خيالن ۽ مضمونن سان واسطو رکندڙ آهي، جن ڪان هن جا هم وطن اڳي ئي واقف آهن، پر هن انهن کي هڪ عجيب احوال جي اظهار لاءِ استعمال ڪيو آهي. هن جي ڪلام جا ڪيترا ئي حصا ظاهر ڪن ٿا تہ هن کي مهذب گهرو زندگي لاءِ قدر آهي.“(١٢)

رچرڊ برٽن، رائل ايشياٽڪ سوسائٽي پاران شايع ٿيندڙ جرنل ۾، سنڌي ادب بابت چند مضمون لکيا، انهن ۾شاهه لطيف جي بيتن جو ترجمو پڻ پيش ڪيو هو.

## ميري فريئر (بارٽل فريئر جي نياڻي) جو شاهہ لطيف تي ڪرايل ڪم:

١٩صديءَ جي سنڌ جي تاريخ ۾، ان دور جي ڪمشنر، سر بارٽل فريئر جو نالو وڏي اهميت رکي ٿو. پر سندس نياڻي ميري ايلزا اسابيل فريئر (Mary Eliza Isabella Frere) (١٨٤٥-١٩١١) جون بہ سنڌي ادب لاءِ وڏيون خدمتون آهن. سندس والد سر بارٽل فريئر سنڌ جو ڪمشنر (٥٦- ١٨٥١ع ۽ ٥٩- ١٨٥٧ع) هو، جنهن سنڌي ٻولي، ادب، تعليم ۽ ٻين شعبن جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. هن سنڌي ادب، ۽ خصوصاً حضرت شاهه عبداللطيف جي رسالي ۽ سوانح بابت، وڏيڪ ڪتاب لکڻ ۽ شايع ڪرائڻ کي همٿايو. سندس نياڻي ميري فريئر جو هندستاني ادب سان خاص چاهه هو. هوءَ والد سان گڏ ڪيترائي سال سنڌ ۾ رهي ۽ سنڌ جي لوڪ ڪهاڻين کي گڏ ڪرڻ ۾ دلچسپي رکندي هئي. جڏهن، بارٽل فريئر، سنڌ مان بدلي ٿي بمبئي ويو تہ ميري فريئر اتي هندستان جي ٻين ٻولين جي لوڪ ڪهاڻين کي گڏ ڪرڻ ۾ دلچسپي ورتي. هونئن تہ سندس شاعري ۽ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، پر سندس ڪتاب Indian story tales خاص اهميت رکي ٿو. هن ڪتاب ۾ هندستان جون مکيہ لوڪ ڪهاڻيون شامل ڪيون اٿائين، جيڪي هن گڏ ڪيون هيون. ان ڪتاب جو ١٨٨١ع ۾ ٽيون ايڊيشن شايع ٿيو هو ۽ ان دور ۾ ان ڪتاب جا هندستان جي مختلف ٻولين ترجما پڻ ٿيا هئا.

١٨٥٥ع ۾، سيد ميران محمد شاهه - اول (١٨٢٩ع -١٨٩٢ع) ، پنڊت بنسي ڌر جي ’سبودي ڪبودي‘ جي ڪتاب تان ’سُڌاتوري ۽ ڪڌاتوري جي ڳالهہ‘ ترجمو ڪئي هئي. غلام محمد گرامي صاحب ان سلسلي ۾ لکيو آهي تہ: ”پاڻ اهو قصو سر بارٽل فرئير جي نياڻيءَ جي وندر لاءِ تمام سليس ۽ دلنشين طرز ۾ ترجمو ڪيائين.“(١٣)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ميري فريئر کي شاهه لطيف جي شاعريءَ ۽ ان ۾ بيان ڪيل ڪهاڻين سان به ڪافي دلچسپي هئي، ڇو جو هن، هندستان جي لوڪ ڪهاڻين تي تحقيق ڪرڻ پئي گهري. ان سلسلي ۾ سن ١٨٨٢ع ۾، ديوان ڏيارام گدو مل سنڌ بابت (Some thing About Sindh) مان مهڪ مختصر ڪتابڙي جي صورت ۾ ملي ٿي ٿو . هو لکي ٿو ته :"مس فريئر کي ڪنهن سرڪاري ملازم وٽان شاهه لطيف جي حياتي بابت روايتون مليون آهن."[١٤] هو وڌيڪ لکي ٿو: "بهرحال، مان شاهه جي حياتيءَ جي باري ڪنهن نامعلوم ليکڪ جو ڪجهه مواد سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل ڏٺو آهي، جيڪو سنڌ سرڪار لاءِ ڪيل آهي، چاڪاڻ ته مس فريئر، سنڌي آکاڻين تي ڪو ڪتاب لکڻ پئي چاهيو. اصل سنڌيءَ ۾ لکيل مواد اڃا به ڪمشنر رڪارڊ ۾ موجود آهي."[١٥]

ميري فريئر ، اهو تذڪرو ڪنهن منشيءَ کان لکرايو هو. منهنجو ذاتي خيال آهي ته اهو تذڪرو، منشي اڌارام يا منشي محمد يوسف لکيو هوندو، چاڪاڻ ته ان دور ۾ ڪراچي شهر ۾، سنڌي ادبي تاريخ جا اهي ئي ماهر سمجهيا ويندا هئا. فريئر جي سنڌ مان بدلي ٿيڻ کان پوءِ به سنڌيءَ ۾لکيل سوانح حيات وارو مسودو 'ڪمشنر جي رڪارڊ' ۾ موجود هو.

## وليم سائوٿيءَ جو ترجمو:

اڳتي هلي، ان ساڳئي مسودي کي ليفٽيننٽ ڪرنل وليم سائوٿي(William Southey) ان مواد کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري، ٢ نومبر ١٨٦٠ع ڌاري History of Shaikh Abdul Latif جي عنوان سان شايع ڪيو. "وليم سائوٿي جو جنم، ١٦ نومبر ١٨٢٤ع ۾ ٿيو. سندس تعلق مدراس اسٽاف ڪور سان هو. بارٽل فريئر جي ڪمشنري واري عرصي دوران سنڌ ۾ ڪم ڪيائين ۽ ان وقت ڪراچيءَ جي ننڍيءَ ڪورٽ ۾ جج هو. سنڌي ٻوليءَ جو خاص امتحان پاس ڪيو هئائين. هن عملدار ١٨٧١ع ۾ وفات ڪئي."[١٦]

خوش قسمتيءَ سان وليم سائوٿيءَ وارو مضمون، ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي کي هٿ آيو، جنهن ان کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪرايو. ان سلسلي ۾ دائودپوٽي صاحب لکيو آهي ته: "اصل ۾ هي احوال ڪنهن سرڪاري ملازم جو سنڌيءَ ۾ لکيل هو، جو سنڌ سرڪار جي ترجمان، ڊبليو سائودي (Southey) نالي، سربارٽل فريئر لاءِ،





٢ نومبر، ١٨٦٠ع ڌاري انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو، ۽ وڏن فولسڪيپ پنن تي ڇپيل آهي. سائوديءَ جي انگريزيءَ ترجمي جو هڪ پراڻو ۽ ڙبون نسخو، مون کي جناب محترم نواب عبدالرحيم خان ولد مرحوم نواب خداداد خان مؤلف 'تاريخ لب لباب سنڌ' پراڻي سکر واري جي هٿان مليو، جنهن لاءِ مان سندس نهايت شڪر گذار آهيان. منهنجي نظر ۾ هيءُ آڳاٽي ۾ آڳاٽو شاهه لطيف رحه جي زندگيءَ جو احوال آهي. هي به به اولياء الله جي تذڪرن وانگر ڪرامتن، ڪرشمن ۽ ڏند ڪٿائن سان ڀريل آهي، جي سندس حياتيءَ جو حصو آهن ۽ ڪنهن به طرح جدا ڪري نٿيون سگهن."[١٧]

وليم سائوٿي، شاهه جي باري ۾ لکي ٿو ته: "اها هڪ تاريخي حقيقت آهي ته شاهه عبداللطيف (جواني ۾) مرزا بيگ (مغل) جي سهڻي نياڻي جي عشق ۾ ڦاٿو، جو ڪلهوڙن کان اڳ حڪومت ڪندو هو. سنديس نينگر، هالا ۾ سانگڙي واهه جي ڪپ تي رهندي هئي. شاهه جو عشق ڏينهون ڏينهن چوٽ چڙهندو ويو ۽ آخرڪار سندس ذهن ۾ آيو ته اها ڳالهه نيڪ ٿيندي جو مرزا بيگ کيس پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ ڏيئي. سندس الفت جي مرزا بيگ جي ماڻهن کي ڪُڇَ پئجي وئي، پر اهي مرتبي ۽ مال جي آڪڙ تي ٿانءِ ۾ ٻرجي ويا ۽ انهيءَ قصي کي ڪَن لاٽار ڪري ڇڏيائون. سمجهيائون ته شاهه صاحب هڪ سڄو فقير آهي، سو جيڪڏهن ڪا تڪليف ڏنائين ته کيس سولائي سان اُڪلائي سگهبو. شاهه لطيف کي جڏهن سندن انهي رويي جي خبر پيئي، تڏهن پاڻ پتوڙڻ ۽ ڪرامتون ڏيکارڻ لڳو. هو ور ور اهي جايون ۽ گهٽيون گهمندو هو، جتي سندس معشوق رهندي هئي. جڏهن مغلن کي اها ڄاڻ ملي، تڏهن سندس اچڻ وڃڻ جون واهون بند ڪري ڇڏيائون. تنهن تي شاهه پنهنجي محبوبه کي ملڻ ۽ سندس منوهر جي منهن پسڻ لاءِ پاڻ کي بعضي پوڙهي جي شڪل ۾، بعضي ڪبوتر ۽ ڪاريهر جي صورت ۾ بدلائي، ڳجهي ريت سندس خاص حجري ۾ لنگهي ويندو هو. آخر مغلن کي انهيءَ مامر جي ڄاڻ پئجي وئي ته شاهه لطيف ڪيئن نه پنهنجو ويس مٽائي، پنهنجي من موهن وٽ، ڳجهي طرح اچي ٿو. سو گهر جا سيئي چارا بند ڪري ڇڏيائون. جڏهن شاهه جا سيئي سعيا صاب نه پيا، تڏهن لاچار ٿي مرزا بيگ جي نياڻيءَ جي ماڙيءَ جي سامهون، هڪ واريءَ جي دڙي تي وڃي ويهي رهيو. ڪيترائي ڏينهن اهڙي انتر ڌيان ۾ محو رهيو، جو مٿي کان سواءِ ساري ڌڙ مٽان واري وري ويس."[١٨]



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

خبر ناهي تہ وليم سائوٿي، شاهہ عبداللطيف کي چو 'شيخ عبداللطيف' ڪري لکيو آهي. مرشد کي بہ شيخ چئبو آهي. بهرحال وليم سائوٿيءَ جي هن محنت کي اسان جي اتهاس ۾ ٻيڻي اهميت حاصل آهي. هڪ تہ شاهہ صاحب جي سوانح تي هي پهريون پيپر هو، جو ڪتابي شڪل ۾ نروار ٿيو هو ۽ ٻيو تہ ان ۾ سنڌ جي هن مثالي بزرگ جي حياتيءَ متعلق عيسوي ۽ هجري ڪئلينڊر ۾، پهرين شعوري مطابقت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل ڏسجي ٿي.

## ميجر گولڊسمڊ جون شاهہ جي رسالي جي اشاعت لاءِ ڪوششون:

هينري ايف - جي-گولڊ سمڊ (١٨١٨-١٩٠٨ع) جو جنم ۾ ملانو، اٽليءَ ۾ ٿيو هو، هن ڪنگز ڪاليج اسڪول، لنڊن مان تعليم حاصل ڪئي. هن، ١٨٣٩ع ۾، ايڪهين ٢١ سالن جي عمر ۾ مدراس آرميءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي. نوڪريءَ دوران، ميجر گولڊ سمڊ جو هڪ اهم ڪارنامو اهو بہ هو تہ هن سنڌ سميت، بلوچستان ۽ هندستان ۾ ٽيليگراف جو بنياد وڌو. ١٨٥٣ع ۾ جڏهن سنڌي الف -ب لاءِ ڪاميٽي جوڙي وئي تہ ان ۾ هي عملدار سرڪار طرفان ميمبر هو. گولڊ سمڊ تعليم کاتي جو ڪيترائي سال نگران رهيو. هن سنڌ جي ڪيترن ئي وڏن شهرن ۾ ورنيڪيولر اسڪول کوليا. ڪيترائي درسي ۽ غير درسي ڪتاب سرڪاري طور شايع ڪرايا. هن سنڌ جي تاريخ، سنڌي ٻولي، ۽ ادب جي باري ۾ انگريزي زبان ۾ ڪيترائي مضمون لکيا.

ميجر گولڊ سمڊ جو وڏو ڪارنامو اهو بہ هو تہ هن ميان محمد حيدر آباديءَ کان سنڌي گرامر: 'سنڌي صرف و نحو' (١٨٦٠ع) ۾ لکرايو. سنڌ جي مشهور قصي سسئي پنهونءَ مان ڪي شعر، انگريزي ۾ ترجمو ڪري، ١٨٦٣ع ۾ لنڊن مان شايع ڪرايائين. اهڙي طرح سنڌ جي هن مشهور قصي کي، يورپي دنيا ۾ متعارف ۽ مشهور ڪيو. سنڌي شعرن جي ڊرافٽ ڪاپي، منشي اڌارام جوڙي هئي، ڪتاب ۾ اهو ڄاڻايل ڪو نہ آهي تہ سنڌي بيت ڪنهن جا ڪنيا ويا هئا. ڪن محققن جو خيال آهي هن گهڻو ڪري محمد عارف جي بيتن کي هوبهو ۽ دلڪش انداز ۾ ترجمو ڪيو. پر منشي اڌارام ڪيس مختلف شاعرن جا شعر گڏ ڪري ڏنا هئا، جنهن مان ڪي بيت شاهہ لطيف جا بہ ترجمو ڪيا آهن. مثال طور بيت نمبر ٩٤ آهي:





اُٺ ويري، اوٺار ويري، ويري ٽيڄم ڏيرَ،
چوٿون ويري واءُ ٿيو، جنهن لَٽيا پُنُونءَ پير،
پنجون ويري سج ٿيو، جنهن اُلهي ڪئي اَويرَ،
ڇهون ويري چَپَرُ ٿيو، جنهن سَنوان ڪيا نہ سيرَ،
ستون ويري چنڊ ٿيو، ڪِڙيو نہ وَڏيءَ ويرَ،
واهيري جي ويرَ، ڇُلون ڪَريان ڇپرين!

"Camels are foes, and camel-men; the third, Jam Punhu's kin;
"The Sun the fourth, who sets when I my weary task begin;
" The Moon is foe the fifth, because she will not early rise;
" Sixth comes the Wind to hide with dust his footprints from mine eyes;
"A seventh foe the Bock I find, to wound my tender feet.
"Alack, poor woman, Fate's Decree will grant you no retreat![19]

## مسٽر اي.آءِ. هاورڊ جو رايو:

حقيقت اها آهي تہ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ گهڻو اڳ شاهہ جو رسالو تيار ڪري ورتو هو، تياريءَ کان پوءِ هن سنڌ سرڪار کي گذارش ڪئي تہ سندس مرتب ڪيل شاهہ جو رسالو، سرڪاري خرچ تي شايع ڪرايو وڃي. ان وقت سنڌ جي تعليم کاتي جو انچارج، ميجر گولڊسمڊ هو. هن بمبئي پريذيڊنسيءَ جي ڊائرڪٽر انسٽرڪشن کي سفارش ڪندي لکيو تہ ڊاڪٽر ٽرمپ جو مرتب ڪيل رسالو شايع ڪرايو وڃي. سندس سفارش تي ان وقت جي ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن، مسٽر اي.آءِ. هاورڊ پنهنجي رپورٽ ۾ لکيو هو تہ:"سنڌي شعر جو هڪ وڏو دستاويزي ذخيرو، جيڪو چرچ مشنريءَ جي ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ (هيئنر پشاور ۾)، ترتيب ڏنو آهي ، اهو آخر ۾ پر ڪنهن بہ لحاظ کان گهٽ نہ آهي. ان جي اشاعت کي ڪنهن بہ نموني روڪڻ جو ڪو بہ سبب موجود نہ آهي. ان شاعري جي ڪتابي مجموعي ۾، شاهہ جي رسالي کي مرتب ڪيو آهي، جنهن تي هندستان جي ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ڀيٽ ۾ فخر ڪري سگهجي ٿو. هن ڇپجڻ لاءِ ، سندس ئي هدايت تي لنڊن ۾ جوڙيل ٽائيپ رائيٽر تحت محنت سان هڪ ڪاپي جوڙي ورتي آهي. مون کي خاطري آهي تہ اهو مسئلو تمام جلد سرڪار

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

کي اڳئين لکت پڙهت جي روشنيءَ ۾ پيش ڪيو ويندو، ۽ ڊاڪٽر ٽرمپ جو مقصد آهي تہ شاهہ جي رسالي سان گڏ، سنڌ جي ٻين شاعرن جي بہ پيروري ڪري سگهجي. مون کي پڪ نہ آهي تہ ساڳئي ڪم جي لکيل نسخن جي اشاعت تي ڪيترا پئسا خرچ ايندا.“[٢٠] مسلسل ڪوشش جي باوجود، تعليم کاتي جي بيحسيءَ سبب ارنيسٽ ٽرمپ جو ڪتاب ‘The Dewan of Abd-ul-Latif’ ١٨٦٦ ۾ جرمنيءَ جي شهر لپسيا مان شايع ٿيو.

ڊاڪٽر نولن (Dr. Nolan)، جيڪو ان دور ۾ سنڌ ۾ جانورن جو ڊاڪٽر هو، تنهن پڻ ١٨٧٠ع ۾ سسئي پنهون جي قصي جو ترجمو ڪيو هو، جنهن ۾ ممڪن آهي تہ هن شاهہ جي ڪلام مان بہ شعر ڪنيا هجن. سندس ترجمي جي سلسلي ۾ ان دور جي تعليم کاتي جي سربراهہ، اي. ايم فلٽن لکيو آهي تہ، ”ڊاڪٽر نولن جي سسئي پنهون جي انگريزي ترجمي جي اشاعت لاءِ ماهرن جي راءِ طلب ڪئي وئي.“[٢١]

## ارنيسٽ ٽرمپ کان پوءِ ١٩ صديءَ ۾ ٻين ماهرن جو شاهہ بابت ڪم:

ارنيسٽ ٽرمپ، شاهہ لطيف کي پيرپرستي مان ڪڍي، سڄيءَ دنيا ۾ هڪ عظيم شاعر وارو مقام ڏنو. ارنيسٽ ٽرمپ، صرف شاهہ جو رسالو مرتب ڪو نہ ڪيو هو، پر هن پنهنجي مختلف ڪتابن ۾ بہ شاهہ جا حوالا ڏنا آهن. ١٨٧٢ع ۾ سندس ڪتاب A Grammar of Sindhi Languageشايع ٿيو. ان ۾ بہ هن ڪيترن ئي جاين تي شاهہ جا شعر ترجمي سان مثالن ۾ ڏنا آهن. مثال طور:

هڪڙو هٿهون نہ ڏين هٿ سان ٻئي کهي ٻهنڪ وجي ڀائي

But one (grain) thou does not to give to an other with thy

Hands, having thrown in an obstacle, o brother! Mengho.[22]

ارنيسٽ ٽرمپ کان پوءِ، ڪيترن ئي جرنلن ۾، رسالي تي تبصرا شايع ٿيا. دنيا ۾ شايع ٿيندڙن ڪيٽلاگن ۾ شاهہ جو نالو اچڻ لڳو. مثال طور Tribuner’s American and oriental literary record۾ هن ڪتاب جو تعارف هن ريت آيو:

“Sindhi Literature—The Dewan of Abd-ul-Latif Shah, known by the name of Shah Jo Risilo, edited by the Rev. Ernest Trumpp. Royal, 8vo. cloth, pp. iii, 739 and 4. Leipzig, 1866. £l Is.”[23]

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





اڳتي هلي ، ارنيسٽ ٽرمپ جي ڪم کي وڌائيندي، ڪيترن ئي سرڪاري عملدارن ۽ ٻين شاهہ جي حياتيءَ ۽ شاعري تي تحقيق ڪئي ۽ رسالا تاليف ڪيا. ديوان ڏيارام گدومل، جيڪو هڪ سرڪاري عملدار هو، تنهن ١٨٨٢ع ۾ هڪ پستڪ، Something about Sindh ڪجهہ سنڌڙيءَ بابت ‘سگما’ يوناني س اکر جي صحيح سان لکيو. ”انهيءَ ليک ۾ سنڌ جي شهرن، نظارن ۽ ڪوين جو بيان ٿيل آهي. تمام اعليٰ انگريزيءَ ۾ لکيل آهي ۽ ديوان جي ودوتا ۽ ساهتيہ سان پيار منجهانئس خوب ظاهر آهي. انهيءَ ۾ شاهہ عبداللطيف بابت بہ چڱو چوکو ذکر اچي ٿو. پهرئين باب ۾ شاهہ صاحب جي ڏاڏي عبدالڪريم بلڙيءَ واري ۽ شاهہ صاحب جي جنگ و جدل جي زماني جو ذڪر آهي. باب ٻئي ۾ شاهہ لطيف جي دل جو داستان ڏنل آهي تہ ڪيئن مرزا مغل بيگ جي ڌيءُ سان دل ٿيس ۽ اهو عشق اهڙو اهنجو ٿيو جو ڏُک وچان مغلن کي سُراپ ڏيئي شاهہ لطيف سير تي هليو ويو. جڏهن مغلن جا گهڻو ڪري سڀ ڀاتي ناس ٿي ويا، تڏهن مغل بيگ جي نياڻيءَ ڀل بخشائي سُراپ هٽايو ۽ هن سان شادي ڪئي. باب ٽئين ۾ شاهہ جي عشق حقيقيءَ جو داستان آهي. سندس ويدانت ۽ صوفي متن جي سهڻي ۽ سليس سمجهاڻي، سندس ڪافين ۽ رهڻيءَ جو ذڪر آهي.“[٢٤]

سن ١٨٨١ع ۾، سنڌ جي تعليم کاتي جي سربراهہ، ٿامس هارٽ ڊيوس (١٨٤٩ع-١٩٢٠ع)، سسئي پنهون جي قصي کي ,’Sindhi Ballads‘ جي نالي سان ترجمو ڪيو، جنهن ۾ شاهہ جا شعر بہ شامل هئا. مسٽر ايڊورڊ جائلس کي ١٨٧٥ع ۾، سنڌ ۾ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو، جتي هن ڪاميابيءَ سان تعليمي پاليسيون جاري ڪيون. کيس سنڌ ۾، تعليم کاتي ۾ بہ دفعا ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو. پهريون دفعو سندس تجربي ۽ انتظامي ڪاميابيءَ جي ڪري سال ١٨٨٧ع ۾ لارڊ رئي بمبئي جي گورنر جي خاص سفارش تي سنڌ ۾ هڪ ڪاليج قائم ڪرڻ لاءِ کيس موڪليو ويو. اهو ڪاليج بعد ۾ ڊي. جي. ڪاليج جي نالي سان مشهور ٿيو. ان کان علاوه سندس اها بہ ذميواري هئي تہ هو تعليم بابت پنهنجي رپورٽ تيار ڪري. هنن جي دور ۾ شاهہ جي رسالي جي نئين سر ترتيب واري رٿا منظور ٿي. اهو رسالو، ١٤ ڊسمبر، ١٩٠٠ع ۾ شايع ٿيو، جيڪو بمبئي جي سرڪاري تعليم کاتي طرفان مرڪنٽائيل اسٽيم پريس، ڪراچيءَ مان ڇپجي پڌرو ٿيو. پاڻ ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ: ”ٽرمپ وارو رسالو، جو سرڪار سن ١٨٦٦ع ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ کان پنهنجي خرچ تي تيار

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪرايو هو سو هاٿوڪي صورتخطيءَ ۾ لکيل نہ هو. تنهنڪري پڙهندڙن کي تڪليف ٿئي ٿي. تنهن کان سواءِ انهيءَ رسالي ۾ ڪي سر ڇڏيل هئا انهيءَ رسالي جا سڀ جلد، ٿورن ئي ڏينهن ۾ کپي ويا. تنهن ڪري جائلس صاحب، سنڌ جي اڳوڻي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر کي نئين رسالي تيار ڪرائڻ جي تجويز ڪئي. هن رسالي ۾ ٽرمپ صاحب واري رسالي ۾ ڪاپائتي سر جي پنيان هڪ مت ڏنل آهي سا پڻ ٻئي ڇاپي ۾، سسئي آبري ۽ رامڪلي سرن جي پنيان جي ٽيهہ اکريون ڏنل آهن ، سي داخل ڪيون ويون آهن."(٢٥) ان ساڳئي رسالي لاءِ پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ هڪ انڪشاف ڪيو آهي تہ: "جڏهن فلٽن صاحب سنڌ جو ايجوڪيشنل انسپيڪٽر هو، تڏهن هن صاحب پيٽ واري رسالي تان هڪڙو نقل تيار ڪرايو هو. اهو نسخو سنڌ جي ايجوڪيشنل ٽرانسليٽر کي موڪليو ويو هو، جنهن ٽرمپ صاحب واري رسالي ۽ بمبئيءَ ڇاپي واري رسالي ۽ هڪ ٻئي دستخط رسالي سان پيٽي ۾ سڌاري تيار ڪيو. تنهن کان سواءِ ٽرمپ صاحب واري رسالي ۾ سر ڪاپائتي جي پنيان جيڪا 'مت' ڏنل آهي ۽ بمبئي ڇاپي واري رسالي ۾ سر سسئي آبريءَ ۽ سر رامڪليءَ جي پنيان جيڪي سي حرفيون (ٽيهہ اکريون) ڏنل آهن، سي بہ هن ۾ داخل ڪيون ويون آهن. مطلب تہ اهو ڪلام ، جو اڪثر ڏاريون ڪري ليکبو آهي، سو بہ هن ۾ گڏيو اٿن. ان ۾ پيو بہ ڪيترو ڪلام ڏاريون شامل آهي.

مون کي ذاتي طرح خبر آهي تہ هيءُ نئون رسالو، سرگواسي راءِ بهادر ڪوڙيمل چندن مل کلٽاڻيءَ سوڌي تيار ڪيو هو. هو صاحب ان وقت حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج جو پرنسپال هو ۽ سنڌ جو ايجوڪيشنل انسپيڪٽر بہ هو. رسالي جا 'پروف' سرگواسي ماستر اوڌوداس سترامداس جاچيا هئا. رسالي جو ڪم اڃا پورو ئي ڪو نہ ٿيو ، تہ ديوان ڪوڙومل پينشن تي ويو. سندس جاءِ تي ديوان تاراچند شوقيرام (هاڻ خان بهادر) حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج جو پرنسپال مقرر ٿيو، جنهن رسالي جو باقي رهيو کهيو ڪم پورو ڪري، ديباچي تي صحيح پاتي."(٢٦)

ڊاڪٽر عالم ائينميري شمل، هڪ جرمن ڪتاب جي حوالي سان شاهہ لطيف جو ذڪر ڪندي لکي ٿي تہ: " اسان جي گهر ۾ سشر (Scherr) جو ڪتاب تاريخ عالم (History of the World) موجود هو، جنهن جو اڀياس سڪ ۽ چاهہ سان ڪندي هيس.





مون کي اڄ بہ تعجب لڳي ٿو تہ اهو ڪتاب جيڪو ١٨٨٥ع جو ڇپيل آهي، ان ۾ ئي سنڌ جي شاهہ لطيف جو پهريون پيرو ذڪر مليو.....آءٌ بنا ڪنهن هٻڪ جي چوان ٿي تہ شاهہ لطيف سان محبت جو بنيادي عنصر اهو آهي، تہ هن پنهنجي ڪلام ۾ سورمين کي ساراهيو ۽ ڪين حد کان وڌيڪ جاءِ ڏني آهي. سندس سورميون محبت سان سرشار، وطن سان وفادار جهڙوڪ: مارئي جنهن بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي هر هڪ شئي کي قربان ڪرڻ، موت جي راهہ تي گامزن ٿي لازوال محبت ماڻڻ لاءِ ڪا بہ لچڪ اختيار ڪانہ ڪئي. ڇا اهڙي بيخود ڪندڙ شاعري جيڪا محبت سان ٽمٽار هجي ان لاءِ سنڌي ٻولي سکڻ لازمي نہ هئڻ گهرجي؟"(٢٧)

مرزا قليچ بيگ بہ 'شاهہ جو رسالو'مرتب ڪيو، شاهہ جي سلسلي ۾ 'لغات لطيفي' بہ تيار ڪئي ۽ انگريزيءَ ۾هڪ ڪتاب (Life of Shah Abdul Latif Bhitai) بہ لکيو. مگر سندس اهم ڪتاب، 'احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي'، ١٨٨٩ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ هن شاهہ جي زندگيءَ ۽ ڪلام تي روشني وڌي آهي. مير عبدالحسين سانگي، جيڪو پڻ سرڪاري عهدي تي فائز هو ۽ سرڪاري خرچ تي تعليم حاصل ڪئي هئائين، تنهن بہ، شاهہ صاحب جي سوانح عمريءَ جي حوالي سان تحقيق ڪئي، سندس ڪتاب 'لطائف لطيفي' (١٨٨٧ع) جو لکيل آهي. ليلارام وطڻ مل 'خاڪي' (١٨٦٧ع-١٩٤١ع)، شاهہ جو وڏو شارح هو. ١٨٩٠ع شاهہ رحہ تي شاعري، حياتي ۽ فڪر تي سندس انگريزي ڪتاب 'Life , Religion and Poetry of Shah Latif' ١٨٩٠ع ۾ شايع ٿيو. ديوان ليلارام وطڻ مل شاهہ جي شاعري ،حياتي ۽ فڪر کان علاوه ۽ ديوان پرتاب راءِ لعلواڻي سان گڏ شاهہ جو رسالو (سرڪلياڻ) ١٩٠٠ع ۾ ترتيب ڏيئي شايع ڪرايو. هن رسالي ۾ قديم قلمي نسخن تان بيت ڪري ترتيب ڏني وئي آهي ۽ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ ڏني وئي آهي.

جهمٽمل نارومل جو 'شاهہ جا بيت'، ١٨٩٥ع ۾ ڇپيو. هيءُ ڪتاب، مئٽرڪ جي نصاب تي رکيل هو. ٦٨ صفحن جو متن اٿس ۽ ٦٩ صفحي کان ١٩١ تائين لفظن جي معنيٰ ۽ تشريح ڏنل اٿس. ڪتاب ۾ شاهہ جي مختصر سوانح ۽ شاعريءَ جو جائزو بہ ورتل آهي.

ڊاڪٽر ايڇ. ٽي سورلي، ١٩٥٣ع ۾ هڪ ڪتاب، 'Musa Pervagans' ترتيب



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڏنو هو، جنهن ۾ فرانسيسي، عربي، لاطيني، يوناني، اردو ۽ سنڌي زبان جي نمائندا نون شاعرنءَ جي غنائيہ شاعريءَ جو تقابلي مطالعو پيش ڪيو، ۽ شاھ سائينءَ کي سيني کان مٿانهون ۽ اول رکيو آهي. ڊاڪٽر سورلي جي شهره آفاق ڪتاب ‘Shah Latif of Bhit’ جنهن تي کيس ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ملي، اهو ڪتابي صورت ۾ ١٩٤٠ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، لنڊن مان شايع ڪيو. جنهن جا سنڌي ۽ اردو ترجما ٿي چڪا آهن. هي پهريون پرڏيهي عالم هو، جنهن شاھ لطيف تي پي. ايچ. ڊي ڪئي. ان ۾ پاڻ شاھ جي سوانح حيات ۽ ان دؤر جي سماجي ۽ معاشي حالتن جي ڀرپور اپٽار ڪئي آهي. ان سان گڏ صوفي فڪر جي ارتقائي تاريخ تي روشني پڻ وڌي آهي.

## حوالا


١. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’احوال شاھ عبداللطيف جي ٽين ڇاپي جو سر ورق چوٿين ڇاپي جو مهاڳ‘، ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي،١٩٨٧ع، ص: ٣.

٢. ملاح، مختيار احمد، ’مغربي سنڌ شناس‘، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، ٢٠١٣ع، ص:٢٤٦.

3. The Diwan of Abd-ul-Latif Shah, known by the name of : Shaha Jo Risalo, Edited by The Revd Ernest Trumpp, Leipzig: F.A Backhaus, 1866, p. IV.

٤. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر ، ’شاھ جو رسالو‘، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ٢٠١٨ع، ص: ١٥.

٥. ساڳيو، ص: ١٥.

٦. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، (جلد ڏهون)، چيف ايڊيٽر سرفراز راڄڙ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ٢٠١٦ع، ص: ١٤١.

٧. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’شاه جي رسالي بابت تحقيق‘، لطيف سالگرھ مخزن، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ٧٣-١٩٧٤ع. ص: ٣٤.

٨. ساڳيو حوالو، ص: ٣٦.

٩. سنڌي، مدد علي، ’منهنجو جِيءُ جلايو، اندر آديسين‘، (ايڪويهين صدي ۾ شاھ لطيف، سهيڙيندڙ: امان الله شيخ) پيڪاڪ پرنٽرس، ڪراچي، ٢٠١٥ع. (آن لائن ڪنيل)

١٠. ساڳيو، (آن لائن ڪنيل)







11. Richard F. Burton: “Sindh And The Races that Inhabits the Valley of the Indus”, London: WM. H Allen & Co, 7 Leaden Hall Street, 1851, pp.83-84

12. Ibid, p.203.

١٣. گرامي، غلام محمد، ’سڌاتوري ڪڏاتوري جي ڳالھ‘، مهراڻ-١، ١٩٥٩ع، ص: ٥٦.

14. Diyaram Gidumal “Something About Sindh”, Kevalram Dayaram Shahani Seva Kunj, Rambagugh Roard, Karachi, 1882, p. .5

15. Ibid. P. 5.

16. https://www.geni.com/people/Col-William-Southey.

١٧. دائودپوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر، ’شيخ عبداللطيف جو احوال‘، ماهوار نئين زندگي، ڊسمبر ١٩٥٨ع، ص: ١٥.

١٨. ساڳيو، ص: ١٥.

19. F. J. Goldsmid: “Saswi and Punhu: A Poem in the Original Sindhi; a Metrical Translation in English”, London: Wm. H. Allen & Co., 13, Waterloo Place. 1863, p.22.

20. Report of the Director of Public Instruction, Bombay, for the Year 1858-59’, (Bombay: Education Society's Press, Byculla, 1860), p..223

21. Report of the Department of Public Instruction in the Bombay Presidency, for the Year 1871-72” (Bombay: Education Society's Press, Byclla, 1873), p..47.

22. Ernst Trumpp: “Grammar of the Sindhi Language: Compared with the Sanskrit-Prakrit and the Cogent Vernaculars”, Tribuner and Co, 60, Paternoster, London, F.A. Backhaus, Leipzig, 1872, p.459.

23. Tribuner’s American and oriental literary record, 1868.

٢٤. ڦيرواڻي، شيوارام، پروفيسر، ’رشي ديوان ڏيارام گدومل‘، سنڌ گريجوئيٽ ائسوسيئشن، ڪراچي، ٢٠٠٠ع ، ص: ١٩٤.

٢٥. شوقيرام، تارا چند، ’شاھ جو رسالو‘، ايجوڪيشنل پبلشنگ ڇاپي خانو، ڪراچي، ١٩٠٠ع، ص:٣.

٢٦. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، ’گربخشاڻي وارو رسالو منهنجي نظر ۾‘، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ٢٠١٨ع، ص: ٧٧-٧٨.

٢٧. شيخ، امان الله، ’اينميري شِمل (شخصيت ۽ فڪري سفر)‘، پيڪاڪ پرنٽرس ۽ پبلشرس، ڪراچي، ٢٠١٨ع، ص:١٤.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair